6

مانِ

پڏو، ڳايو، سمجھو.

مان جي هڪ لفظ ۾، سيني سُکن جو سار آ،
”م“ ۾ آ ماکي مليل، ”ن“ ۾ سمايل نار آ.

ٿي مان ۾ ڏرتي هلي، مانِ ۾ سڄ چند ڦِرن،
ٿا بِنا آواز جي، قانون قدرت جا چُرن.

مان ۾ گُلشن ٽڙي، ۽ مان ۾ گل ڦل کِلي،
آ اُڀا چوکي چَڳي، جا مان ۾ مَحفل هلي.

آ سدا سڀ کان سُڻي، مُٺ پکوڙيل مانِ جي،
ڳالھ جي نِکري اَندر مان، ٿي بُرائي بات جي.

ٿو مانِ ۾ مالڪ ملي، مان ۾ کَرِ بَندگي،
ڍُل هنگامي کان پري، کات پنهنجي زندگي.

نوان لفظ

مان - خاموشي، سانت
ڍُل هنگامو - گوڙ شور
کلڻ - ٽڑڻ، وڌڻ

بندگي - عبادت، پوڄا
گلشن - باغ
پکوڙي رکڻ - بند ڪري رکڻ

نار - ٽڏاڻ،
کات - گذار
بات - ڳالھ

اَپياس

سوال.١. هيٺين جا هڪ جملي ۾ جواب لکو.

١) مانِ جي لفظ ۾ ڪهڙو سارُ آ؟

٢) قدرت جو قانون ڇا آهي؟

٣) مُنِ ڪُلڻ سان ڇا ٿو ٿئي؟

سوال.٢. هيٺين سوالن جا ٻن ٽن جملن ۾ جواب لکو.

١) گلشن جي محفل ڪيئن هلندي آهي؟

٢) مالڪ ڪيئن ملندو آهي؟

سوال.٣. ڏنگين مان صحيح لفظ چونڊي خالي پريو.

١) ٽي مانِ ۾ ..... هلي، مان ۾ ..... قِرن.

(سڄ چنڊ، ڏرتي، سڄ، چنڊ، گرهه)

٢) آ سدا سڀ ڪان ..... مُٺ پڪوڙيل مانِ جي.

(خراب، غلط، سڻي)

٣) ..... ڪان پري، ڪات پنهنجي زندگي.

(گوڙ شور، هُل هنگامي، شانت)

سوال.٤. هيٺين لفظن مان ساڳي معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ناهيو.

مان	ڏيرج
قانون	باغ
گلشن	گوڙ شور
هنگامو	خاموشي
صبر	قاعدو

پورڪ اَپياس

١) شعر بند تي مشغولي.

مان ۾ گلشن ..... برائي بات جي.

(الف) سدا لفظ جو ساڳيءَ معنيٰ وارو لفظ. [ ]

(ب) ڏنل لفظن جا ضد :



(ٽ) 'محفل' لفظ ڪٿي کي جملو لکو.

٢) بيت ۾ ڏنل هم آوازي لفظن جا ٽي جوڙا لکو.

٣) ماکيءَ جي مک بابت ڄاڻ حاصل ڪري لکو.

۴) بيت ۾ ڏنل مات سان لاڳاپو رکندڙ قدرتي شين لاءِ هينيون خاڪو پورو ڪريو.



ڏسو، جاچيو ۽ ٻڌايو.

ايڪلويہ ۽ دروڻاچاريہ

هنومان ۽ وانر سينا

- شاگرد چتر ڏسي اُنهن جي باري ۾ آکاڻي / قصو مائڻن / اَڊيپٽن / اِنٽرنيٽ دواران ٻُڌي / پڙهي اَچي ڪلاس ۾ ٻڌائيندا.